روزاني سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) اڱارو 25 جولاءِ 2023ع بمطابق 06 محرم الحرام 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 59

ڪوشش اها ڪئي ويندي ته غير تڪراري ماڻهو اچن ته جيئن صاف ۽ شفاف چونڊون ٿي سگهن: شرجيل ميمڻ

نگران حڪومت لاءِ پيپلزپارٽي هڪ ٽي رڪني ڪميٽي نامزد ڪئي آهي، نگران حڪومت جي حوالي سان جيڪي به فيصلا ٿيندا

پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي سنڌ سرڪار لاڙڪاڻي ۾ ٻوڏ متاثرن کي گهر ٺاهي ڏيڻ جو منصوبو شروع ڪيو آهي

ماڻهو پيپلزپارٽي کي دعائون ڏئي رهيا آهن، آبادي جو وڌڻ ملڪ لاءِ هڪ وڏو مسئلو آهي، جنهن لاءِ اسان کي سنجيده قدم کڻڻا پوندا

وزيراعظم جي لاءِ هر پارٽي کي پنهنجو اميدوار نامزد ڪرڻ جو حق آهي، مولانا فضل الرحمان کي به پنهنجي سياسي قدمن جو مڪمل حق آهي

پيپلزپارٽي جي ڪميٽي ڳالهين ۾ شرڪت جي مجاز آهي، فيصلا بهتر ۽ سٺا هوندا ۽ غير تڪراري ماڻهو ايندا

الزام مڙهيندڙن کي الزام مڙهڻ ڏيو پر پيپلزپارٽي سمورين سياسي قوتن کي گڏ کڻي هلڻ چاهي ٿي: سڌسماءُ واري صوبائي وزيرجون ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته نگران حڪومت لاءِ پيپلزپارٽي هڪ ٽي رڪني ڪميٽي نامزد ڪئي آهي، نگران حڪومت جي حوالي سان جيڪي به فيصلا ٿيندا، سٺا ٿيندا، ڪوشش اها ڪئي ويندي ته غير تڪراري ماڻهو اچن ته جيئن صاف ۽ شفاف چونڊون ٿي سگهن. اسان جي اوليت صاف 7 شفاف چونڊون آهن. اپوزيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

بجلي مهانگي ڪرڻ آءِ ايم ايف جي شرط هئي، قيمتون مجبوري سبب وڌايون: وزيراعظم

قيمتن ۾ واڌ جا اثر غريب عوام تي پوڻ نه ڏينداسين، 31 سيڪڙو گهريلو صارفين کي سبسڊي ڏني وئي آهي، 63 سيڪڙو گهريلو صارفين تي اهو بار نه پوندو

200 يونٽ تائين بجلي استعمال ڪندڙن تي بار نه پوندو، 300 يونٽ استعمال ڪندڙن تي بجلي جي واڌ جو اثر نه پوندو

بجلي جون قيمتون مجبوري سبب وڌايون آهن ڇو ته بجلي مهانگي ڪرڻ آءِ ايم ايف جي شرط هئي

معاهدي ۾ اهم ڪردار صدر آذربائيجان جو آهي، مصدق ملڪ، اسحاق ڊار جو ڪردار تمام گهڻو اهم رهيو آهي

پاڪستان ۽ آذربائيجان دوست ملڪ آهن ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن جو اهم ترين ڏينهن آهي، معاهدي جو مدو هڪ سال آهي ان کي وڌيڪ هڪ سال وڌائي سگهجي ٿو: صحيحن واري تقريب کي خطاب

لاهور (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته بجلي جي قيمت آءِ ايم ايف جي شرط تي مجبوري سبب وڌائي، ملڪ ۾ 31 سيڪڙو گهريلو صارفين کي سبسڊي ڏني وئي آهي. پاڪستان ۽ آذربائيجان وچ ۾ پيٽروليم صنعت ۾ تعاون جي معاهدي تي صحيحن جي تقريب لاهور ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ وزيراعظم شهباز شريف مهمان خاص طور شريڪ ٿيو. تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف بجلي جون قيمتون وڌائڻ تي به ڳالهيون ڪيون. هن چيو ته قيمتن ۾ واڌ جا اثر غريب عوام تي پوڻ نه ڏينداسين. 31 سيڪڙو گهريلو صارفين کي سبسڊي ڏني وئي آهي. 63 سيڪڙو گهريلو صارفين تي اهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف پاڪستان ۽ آذربائيجان وچ ۾ پيٽروليم صنعت ۾ تعاون جي معاهدي تي صحيحن واري تقريب دوران ڳالهائي رهيو آهي

نگران وزيراعظم جي لاءِ اڃان تائين ڪو به نالو فائنل نه ٿي سگهيو آهي: شيري رحمان

نگران وزيراعظم جي لاءِ 3 رڪني ڪميٽي ٺهي وئي آهي، نگران وزيراعظم لاءِ اڃان تائين مشاورت جو سلسلو جاري آهي

اهو تاثر ڏنو پيو وڃي ته نگران وزيراعظم جي نالي تي پ پ اتفاق ڪيو آهي پر اڃان تائين ڪنهن جو به نالو فائنل نه ٿيو آهي

نگران وزيراعظم جي نالي تي ڪوڙي خبر هلائي پئي وڃي، اسان سان نه ڪو نالو شيئر ٿيو نه ئي اسان ڪنهن تي اتفاق ڪيو آهي

اسلام آباد: وفاقي وزير شيري رحمان پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي وزير شيري رحمان چيو آهي ته نگران وزيراعظم جي لاءِ اڃان ائين ڪو به نالو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي ۽ حيدرآباد سميت سنڌ جي مختلف علائقن ۾ وقفي وقفي سان برسات جو سلسلو جاري

ڪراچي (نمائندن وٽان) ڪراچي ۽ حيدرآباد سميت سنڌ جي مختلف علائقن ۾ وقفي وقفي سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سنڌ، بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي ۾ برساتن ۽ مختلف حادثن دوران 27 ڄڻا فوت

سنڌ ۾ 7 کان 23 جولاءِ تائين برساتن سبب مختلف حادثن ۾ 12 ڄڻا فوت ٿي ويا، فوت ٿي ويلن ۾ 5 ٻار، 6 مرد ۽ هڪ عورت شامل آهي: پي ڊي ايم اي

ٿرپارڪر ۾ 8 ۽ بدين ۾ 4 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن، مختلف حادثن دوران 2 ڄڻا زخمي به ٿيا آهن جنهن جو تعلق بدين سان آهي

چترال، شانگلاءِ بنون ۾ برساتن ۽ ٻوڏ سبب وڏيڪ نقصان ٿيو، متاثر ضلعن جي لاءِ 6 ڪروڙ روپيه جاري ڪيا ويا: ريلف ڪاتي جو صوبائي سيڪريٽري

اسلام آباد (م ڊ) سنڌ، بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه ۾ تازين برساتن ۽ مختلف حادثن دوران 27 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن. پراونشل ڊيزاسٽر مينجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) سنڌ موجب سنڌ ۾ 7 کان 23 جولاءِ تائين برساتن سبب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

يونيسڪو کي پٽيشن ۽ خط لکي ڪارونجهر جي اهميت بابت ٻڌايو وڃي: سردار شاهه

ڪارونجهر سميت ننگرپارڪر جي سموري لينڊ اسڪيپ کي عالمي ورثي واري فهرست ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ سنڌ جو عوام ساٿ ڏيئي

ڪارونجهر سميت ننگرپارڪر جي سموري لينڊ اسڪيپ تي مختلف تاريخي، ثقافتي ۽ مذهبي مقام موجود آهن

ڪارونجهر اسان لاءِ ان ڪري به اهم آهي جو اتي 300 کان مٿي تيرٿ آستان آهن، مذهبي جايون آهن، سياحتي ماڳ آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ثقافت، سياحت، نوادرات ۽ تعليم ۽ خواندگي کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته پارٽيءَ جي اعلي قيادت، ڪارونجهر نيلامي معاملي تي نوٽيس ورتو جنهن کان پوءِ ٽينڊر نوٽيس معطل ڪرايو ويو آهي. ڪارونجهر سنڌ جي ثقافتي، سياحتي، مذهبي توڙي جاگرافيائي سڃاڻپ آهي. اسان ڪنهن به ريت نه چاهينداسين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سائفر ۽ آڊيو ليڪ جاچ: شاهه محمود قريشي ۽ اسد عمر ايف آءِ اي آڏو پيش

ٻنهي ڄڻن جاچ ٽيم آڏو پنهنجا بيان رڪارڊ ڪرائي ڇڏيا

2 ڪلاڪ جاچ ڪئي وئي، مون سوالن جا جواب ڏئي ڇڏيا آهن، عمران خان کي به گهرايو ويو آهي: شاهه محمود قريشي

سول ۽ ملٽري اڳواڻن اتفاق ڪيو آهي سائفر تي نيشنل سيڪيورٽي جا 2 اجلاس گهرايا ويا آهن

اسلام آباد (م ڊ) ايف آءِ اي ۾ سائفر ۽ آڊيو ليڪ جاچ ۾ تحريڪ انصاف جو وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي ۽ اڳوڻو سيڪريٽري جنرل اسد عمر گڏيل جاچ ٽيم آڏو پيش ٿي ويا. ٻنهي ڄڻن جاچ ٽيم آڏو پنهنجا بيان رڪارڊ ڪرائي ڇڏيا آهن. پيش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

شاهه محمود قريشي ۽ اسد عمر ميڊيا سان ڳالهائيندي

ناقابل ضمانت وارنٽ جاري، خان کي گرفتار ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم

اليڪشن ڪميشن اسلام آباد پوليس کي پي ٽي آءِ چيئرمين جي گرفتاري جو حڪم ڏئي ڇڏيو

تحريڪ انصاف جي چيئرمين کي گرفتار ڪري اليڪشن ڪميشن آڏو پيش ڪيو وڃي: اليڪشن ڪميشن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان توهين عدالت ڪيس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جا ناقابل ضمانت گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا آهن. اليڪشن ڪميشن اسلام آباد پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: سڌسماءُ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

آرمي چيف عاصم منير سان آمريڪي سينٽ ڪام ڪمانڊر جي ملاقات، اهم معاملن تي ڳالهيون

ملاقات ۾ خطي جي صورتحال ۽ دفاعي تعاون کي هٿي ڏيڻ تي به ڳالهيون ڪيون ويون

ملاقات ۾ سمورن شعبن ۾ ٻطرفا لاڳاپا وڌائڻ جي خواهش جو ارادو ڪيو ويو آهي: آءِ ايس پي آر

کي سينٽ ڪام ڪمانڊر جنرل مائيڪ ايرڪ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج جي ڪاميابين جي تعريف ڪئي

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير سان آمريڪي سينٽ ڪام ڪمانڊر جنرل مائيڪ ايرڪ سان ملاقات ڪندي

راولپنڊي (م ڊ) آرمي چيف جنرل عاصم منير سان آمريڪي سينٽ ڪام ڪمانڊر جنرل مائيڪ ايرڪ ملاقات ڪئي آهي. آءِ ايس پي آر موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پي ٽي آءِ چيئرمين مٿان عدالت ۾ پيش ٿيڻ دوران پاڻي جي بوتل اڇلائي وئي

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين مٿان عدالت ۾ پيش ٿيڻ دوران پاڻي جي بوتل اڇلائي وئي پر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسحاق ڊار کي نگران وزيراعظم بڻائڻ جو فيصلو

مسلم ليگ ن ۽ پيپلزپارٽي وچ ۾ اسحاق ڊار جي نالي تي اتفاق ٿي ويو: ذريعا

حڪومتي ڪاميٽي اسحاق ڊار جي نالي تي ٻين سياسي پارٽين کي به اعتماد ۾ وٺي رهي آهي

ڪراچي (م ڊ) مسلم ليگ ن تائي واري وزير اسحاق ڊار کي نگران وزيراعظم بڻائڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته مسلم ليگ ن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اعجاز چوڌري ۽ عمر سرفراز چيمه جي جوڊيشل ريمانڊ ۾ 14 ڏينهن جي واڌ

اعجاز چوڌري کي جوڊيشل ريمانڊ ختم ٿيڻ تي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

دهشتگردي جي انت واري عدالت اعجاز چوڌري کي 7 آگسٽ تي ٻيهر پيش ڪرڻ ۽ چالان مڪمل ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو

عمر سرفراز چيمه کي بيماري سبب ويهل چيئر تي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

لاهور: (مانيٽرنگ ڊيسڪ) لاهور جي دهشتگردي جي انت واري عدالت جناح هائوس حملي ۽ ٻيو ڊاهه جي ڪيس ۾ تحريڪ انصاف اڳواڻ سينيٽر اعجاز چوڌري ۽ عمر سرفراز چيمه جي جوڊيشل ريمانڊ ۾ 14 ڏينهن جي واڌ ڪئي وئي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ورلڊ چيمپئن بڻجڻ تي بلاول جي حمزه خان کي مبارڪباد

شاباش حمزه خان! توهان شاندار پرفارمنس ذريعي رانديڪن جي دنيا ۾ پاڪستان جو جهنڊو بلند ڪيو آهي: بلاول

ايشيا ڪپ ۾ فتحون اسان جي نئين نسل جي انمول جذبي ۽ عزم جي عڪاسي ڪن ٿيون

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جو ورلڊ جونيئر اسڪواش چيمپئن شپ ۾ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان ايٿوپيا جو سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

توشه خانه ڪيس جي جج پي ٽي آءِ وڪيلن خلاف اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪري ورتو

جج همايون دلاور پي ٽي آءِ وڪيلن جي خلاف اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪري ورتو

مون اسلام آباد هاءِ ڪورٽ کي لکيو آهي ته مون کي به انصاف گهرجي: همايون دلاور

سيني جي سامهون فيس بڪ پوسٽ جا ڪاغذ ڏيکاريا ويا، ڪريه ڪنهن جي لاءِ جج نٿو بڻجي سگهي، مون کي به انصاف گهرجي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان خلاف توشه خانه ڪيس ۾ ٻڌڻي دوران نئون رخ سامهون اچي ويو آهي. توشه خانه ڪيس جي ٻڌڻي ڪندڙ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد جي جج همايون دلاور پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

جيڪب آباد ضلعي ۾ برسات متاثرن لاءِ گهر ٺهرائي ڏيڻ واري تقريب ڪوٺائي وئي

گهر ٺهرائڻ جي فنڊز جي سلسلي ۾ پهرين فيز ۾ متاثر ٿيل 500 عورتن ۽ مردن ۾ ڳوٺ آباد جون سندون ورهايون ويون

برساتن ڪانپوءِ مراد علي شاهه اسان جي ريليف ڪئمپن ۾ پهتو هو ۽ گهر ٺهرائي ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو جيڪو اڄ پورو ٿيو آهي: متاثر عورتون

سنڌ حڪومت جو هي هڪ تاريخ ساز فيصلو آهي جو هي گهر ٻوڏ ستايلن لاءِ گهر جي اڏاوت جي رقم جي فراهمي سان گڏو گڏ مالڪاڻا حق ڏيڻ لاءِ ڪرشان آهن: ڊپٽي ڪمشنر

لاڙڪاڻو/جيڪب آباد (رپورٽرز) جيڪب آباد ضلعي ۾ 2022 جي برساتن ۾ ٻوڏ متاثرخاندانن کي خوشحال بڻائڻ ۽ سنڌ سان محبت جي اعتراف طور سنڌ ڳوٺ آباد (هائوسنگ اسڪيم) ايڪٽ 1987ع تحت رهائشي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

جيڪب آباد: برسات متاثرن لاءِ گهر ٺهرائي ڏيڻ واري تقريب ڪوٺائي وئي

ڪاروباري هفتي جي پهرين ئي ڏينهن سون جي اگهن ۾ سوين رپيا واڌ

ڪراچي (م ڊ) ڪاروباري هفتي جي پهرين ڏينهن سون جي قيمت ۾ سوين رپيا واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي، آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن طرفان جاري ڪيل انگن اکرن موجب، ملڪ ۾ في تولي سون جي قيمت 2 هزار 800 رپيا واڌ بعد 2 لک 25 هزار 300 رپيا ٿي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڊار کي جيڪا به ذميواري ملندي ته هو ان جو مستحق آهي: مصدق ملڪ

نگران وزيراعظم لاءِ قائد ايوان سمورين سياسي پارٽين سان مشاورت ڪندو، اسحاق ڊار تمام سٺي نموني سان معاملا سنڀاليا آهن

نئين آدمشماري تي اعتراض هئا، جن کي دور ڪرڻ ۾ ڪيترائي مهينا لڳي ويا

حڪومت جي راءِ آهي ته پراڻي آدمشماري جي بنياد تي ئي چونڊون ڪرايون وڃن

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پيٽروليم واري مملڪتي وزير مصدق ملڪ چيو آهي ته نائي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار کي جيڪا به ذميواري ڏني ولي آهي، هو ان جو اهل آهي. ڳالهائيندي مسلم ليگ ن اڳواڻ مصدق ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: نائي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار جهانگير ترين سان پاءُ جي لاڏائي تي تعزيت ڪري رهيو آهي

جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر ڪراچي پاران پڌري جاري

ڪراچي (رپورٽر) جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر ڪراچي جي انتظاميا پاران جاري ڪيل پريس ريليز جي مطابق جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر ۾ عوام کي مفت علاج ڪرڻ ۽ بيون طبي سهولتون وقت تي فراهمي سنڌ حڪومت جي صحت کاتي جي پريور سهڪار سان ضروري طبي عملي جي پرتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سنڌ اسيمبلي ۾ سانگي واري علائقي تي حملو ڪري ماڻهو مارڻ ۽ عورتون اغوا ڪرڻ جو ذڪر

ڏيڍ سئو ڌاڙيلن بالي ووڊ جي فلم شعلي جيان سانگي شهر تي حملو ڪيو: جي ڊي اي اڳواڻ نندڪمار گوڪلاڻي

سانگي ويجهو عورتون اغوا ڪندڙ ڌاڙيل نه هئا: مڪيش ڪمار چاولا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي ۾ ڏيڍ سئو هٿياربندن جي سانگي واري علائقي تي حملو ڪري ماڻهو مارڻ ۽ عورتون اغوا ڪرڻ جو ذڪر ٿيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

راڄوخاڻي ۾ انسانيت لڄائيندڙ واقعو پيش: 8 ورهين جي معصوم نينگري بيدردي سان قتل

ڳوٺ رائيچند ۾ 8 ورهين جي معصوم نينگري لڇمي ڏيءَ ويرجي ڪولهي جو لاش ڳوٺ پرسان قبرستان مان هٿ آيو

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ رورل هيلٿ سينٽر راڄوخاڻي پهچايو

راڄوخاڻي (رپورٽر) راڄوخاڻي ويجهو ڳوٺ رائيچند ۾ 8 ورهين جي معصوم نينگري لڇمي ڏيءَ ويرجي ڪولهي جو اڄ صبح لاش ڳوٺ پرسان قبرستان مان هٿ آيو آهي، اطلاع تي راڄوخاڻي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

نگران وزيراعظم لاءِ نالن جي حتمي لسٽ جاري ڪنداسين: فيصل ڪريم ڪنڊي

نگران وزيراعظم جي نالي تي پارٽي قيادت ۽ ڪور ڪميٽي کي فيصلو ڪرڻو آهي

نگران وزيراعظم لاءِ ن ليگ وٽ جيڪو به نالو آيو ان تي غور ڪيو ويندو

پيپلزپارٽي اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي وزير ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته پيپلزپارٽي ٻن کان چئن ڏينهن ۾ نگران وزيراعظم لاءِ نالو پيش ڪندي، نالن تي غور ڪيو پيو وڃي، حتمي لسٽ جلد پڌري ڪئي ويندي. فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته نگران وزيراعظم جي نالي تي پارٽي قيادت ۽ ڪور ڪميٽي کي فيصلو ڪرڻو آهي. نگران وزيراعظم لاءِ ن ليگ وٽ جيڪو به نالو آيو ان تي غور ڪيو ويندو، هن چيو ته متحده قومي موومينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

مراد علي شاهه نوري آباد پاور پلانٽ ريفرنس ۾ اسلام آباد جي احتساب عدالت آڏو پيش

شريڪ جوابدارن جي وڪيلن نيب قانون موجب ريفرنس خارج ڪرڻ جي استدعا ڪري ڇڏي

احتساب عدالت قانون موجب فيصلو ڪري ۽ ڪيس اينٽي ڪرپشن ڏانهن واپس موڪلي: وڪيل

عدالت نوري آباد پاور پلانٽ بابت ريفرنس تي ٻڌڻي 3 آگسٽ تائين ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهه نوري آباد پاور پلانٽ ريفرنس ۾ اسلام آباد جي احتساب عدالت آڏو پيش ٿيو آهي. شريڪ جوابدارن جي وڪيلن نيب قانون موجب ريفرنس خارج ڪرڻ جي استدعا ڪري ڇڏي. وڪيلن موقف اختيار ڪيو ته احتساب عدالت قانون موجب فيصلو ڪري ۽ ڪيس اينٽي ڪرپشن ڏانهن واپس موڪلي. عدالت نوري آباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

نگران وزيراعظم جو هڪ پارٽي فيصلو نه ٿي ڪري سگهي: حافظ حمد الله

اسحاق ڊار کي نگران وزيراعظم بڻائڻ جو فيصلو پي ڊي ايم اتحاد جي پليٽ فارم تان نه ٿيو آهي

ن ليگ اسيمبليون ٽوڙڻ جي تاريخ طئي ڪرڻ ۽ نگران وزيراعظم جي لاءِ مشاورتي ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي

هن پيري شوڪت عزيز، حفيظ شيخ ۽ رضا باقر جهڙن امپورٽيڊ شخصن کي نگران وزيراعظم نه بڻايو ويندو

پي ڊي ايم ترجمان حافظ حمد الله

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) نگران وزيراعظم جو فيصلو مشاورت سان ٿيندو، هڪ پارٽي فيصلو نه ٿي ڪري سگهي. اسحاق ڊار کي نگران وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

پشاور ۾ فائرنگ، پبلڪ سروس ڪميشن جو ڊائريڪٽر ماريو ويو

اڻڄاتل ماڻهن پاران پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحانن واري ڊائريڪٽر محمد ارشد کي قتل ڪري ڇڏيو

پبلڪ سروس ڪميشن جي ڊائريڪٽر امتحانن محمد ارشد جو لاش اسپتال پهچايو ويو

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پشاور ۾ فائرنگ ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحانن جو ڊائريڪٽر محمد ارشد مارجي ويو. پشاور جي رنگ روڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

يوڪرين 50 سيڪڙو علائقو ٻيهر حاصل ڪري ورتو: اينٽوني بلنڪن

يوڪرين کي پنهنجي سرزمين کي آزاد ڪرائڻ لاءِ انتهائي مشڪل جنگ وڙهڻي پوندي

اها جنگ ايندڙ هڪ يا ٻن هفتن ۾ نه ٿيندي پر ڪيترائي مهينا لڳي سگهن ٿا

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي پرڏيهي وزير اينٽوني بلنڪن چيو آهي ته يوڪرين روس جي قبضي ۾ ڪيل 50 سيڪڙو علائقي تي ٻيهر قبضو ڪري ورتو آهي. آمريڪي ٽي وي چينل کي انٽرويو ڏيندي هن چيو ته يوڪرين کي پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

بلتستان هاءِ وي تي لينڊ سلائيڊنگ، 3 مسافر فوت

حادثي ۾ ماءُ ۽ 2 ٻار ڙا فوت ٿي ويا آهن، حادثي ۾ ٻارڙن جي پيءُ سميت 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا

ٻنهي زخمين کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي: ريسڪيو ذريعا

گلگت (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بلتستان ڊويزن ۾ برسات جو سلسلو جاري، لينڊ سلائيڊنگ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا، ريسڪيو ذريعن موجب بلتستان هاءِ وي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

نگران وزيراعظم لاءِ بيگ بعد ڊار به آئوٽ، پاڳارو فيورٽ بڻيل

آمريڪا پلٽ محسن بيگ اڳ ۾ عمران خان جو خاص ماڻهو هو پر بعد ۾ اختلافن سبب خان جي حڪومت ۾ ايف آءِ اي ڪيس گرفتار ڪيو هو

مارڪٽ سبب سنڌس سڄيل منهن واريون تصويرون وائرل ٿيون هيون، محسن بيگ ميڊيا ۾ ٻيهر ان وقت اهم خبر بڻيو

آرمي چيف عاصم منير جي نامزدگي ٿي هئي، سنڌس 'فرينڪ ماحول' واريون تصويرون وائرل ٿيون

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) نگران وزيراعظم جي دوڙ مان صحافي محسن بيگ جي آئوٽ ٿيڻ ڪانپوءِ، اسحاق ڊار جو به پتو ڪٽجي ويو آهي. آمريڪا پلٽ محسن بيگ اڳ ۾ عمران خان جو خاص ماڻهو هو پر بعد ۾ اختلافن سبب خان جي حڪومت ۾ ايف آءِ اي ڪيس گرفتار ڪيو هو ۽ مارڪٽ سبب سنڌس سڄيل منهن واريون تصويرون وائرل ٿيون هيون. محسن بيگ ميڊيا ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

اسلام آباد: نائي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار سان ايراني سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

پ پ جو 15 سالا اقتداري دور سنڌ جي تاريخ جو بدترين دور آهي: لال جروار

حيدرآباد (ب ر) عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار، مرڪزي نائب صدر ايڊووڪيٽ ساجد حسين مهيسر، مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري ستار رند، مرڪزي اڳواڻ ايڊووڪيٽ آصف ڪوسو ۽ گهنور خان زئنور پنهنجي گڏيل پريس بيان ۾ چيو آهي ته پيپلزپارٽي جو 15 سالا اقتداري دور سنڌ جي تاريخ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سنڌ ۾ چوماسي جي وسڪارن ڪانپوءِ مختلف شاخن ۽ واهن کي پيل ڳارن تباهي مچائي ڇڏي

مقصودو رند ويجهو بابو چن شاخ کي رات جي وقت لڳل 50 فوٽ ڳارو بند نه ٿي سگهيو

سوين ايڪڙن تي بيٺل فصل ۽ انسن جا ٻاغ پاڻي ۽ هيٺ اچي ويا جڏهن ته پاڻي ڳوٺ خيرو رند ڏانهن وڌڻ لڳو

ڪراچي (نمائندن وٽان) سنڌ ۾ چوماسي جي وسڪارن ڪانپوءِ مختلف شاخن ۽ واهن کي پيل ڳارن تباهي مچائي ڇڏي آهي، قاضي احمد ويجهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪارونجهر جي بچاءُ ۽ بقاءُ بل منظور ڪيو وڃي: جماعت اسلامي

حڪومت ۾ ويٺل وزيرن ۽ مشيرن کي سنڌ جا وسيلا هڙپ ۽ تاريخي ماڳ جي سونهن کي برباد ڪرڻ جو حق ڪنهن ڏنو آهي؟

سنڌ حڪومت ۽ پ پ سنڌ کي جيڪو نقصان پهچايو آهي اهو ارغونن، ترخانن سميت ڪنهن به پرڏيهي قابض حڪمران ڪونه پهچايو

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ ڪارونجهر کي ٿرءِ سنڌ جو تاج، ان جي بچاءُ ۽ بقاءُ لاءِ اسيمبلي مان بل منظور ڪري ان کي هميشه لاءِ تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته حڪومت ۾ ويٺل وزيرن ۽ مشيرن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڳڙهي تيغو جي ڪچي مان شڪارپور پوليس اغوا ٿيل 2 ڄڻن کي بازياب ڪرائي ورتو

اغوا ٿي ويل اصغر ڀهوڙ ۽ سعيد ڀهوڙ کي ڌوهارين سان مبينا مقابلي بعد بازياب ڪرائي ورتو

ايس ايس پي امجد شيخ جي هدايتن تي اياز ڪيڙو ٽيم سميت ڪاروائي ڪري مغوي بازياب ڪرايا

وارثن جي يو آءِ تعلقي خانپور جي امير مولانا غلام قادر بروهي کي مغوين سميت گلن ۽ نوٽن جا هار پارايا

خانپور (عتيق ابڙو) ڳڙهي تيغو جي ڪچي مان شڪارپور پوليس پنج ڏينهن پهريون مڇي جي فارم تان اغوا ٿي ويل اصغر ڀهوڙ ۽ سعيد ڀهوڙ کي ڌوهارين سان مبينا مقابلي بعد بازياب ڪرائي ورتو. ايس ايس پي شڪارپور امجد شيخ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

خانپور: اغوا بعد بازياب ڪرايل 2 پورهيت پوليس تحويل ۾ بيٺل آهن

سول ڊفينس آرگنائيزيشن سکر

پاران فرسٽ ايڊ ڪيمپ جو

انتظام، 20 رضاڪار موجود

سکر (رپورٽر) سول ڊفينس آرگنائيزيشن سکر پاران هر سال جيان محرم الحرام جي سلسلي ۾ عزادارن حضرت امام حسين عليه السلام جي لاءِ اولڊ سکر ۾ فرسٽ ايڊ ڪيمپ جو انتظام ايڊيشنل ڪنٽرولر اميرالدين عباسي، ڊپٽي چيف وارڊن ڊاڪٽر سعيد اعوان، گروپ انسٽرڪٽر علي انور نائچ، آغا اڪرم دراني، حاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز شاهه عبداللطيف ڪانسٽيٽيوٽ آف لا ڪاليج ۾ آخري پيپر ٿي گذريو

اوهان قيمتي اثاثا آهيو ۽ اسان تي فرض آهي ته توهان جو هڪ ڏينهن قيمتي وقت ضايع نه ڪبو: بدرالزمان

پيپر به جلد کان جلد ڪرايا ويندا ته لا ڪاليج جو نالو پاڪستان ۾ ججز جهڙي ڪميشن ۾ نالو روشن ڪندا

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) BA_LLB جي چوٿين سال جو آخري پيپر شاهه عبداللطيف ڪانسٽيٽيوٽ آف لا ڪاليج ۾ ٿي گذريو. لا ڪاليج جي پرنسپال سينيئر قانون دان بدرالزمان ڪنبو، ناميارو وڪيل ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جو صدر اياز مري ۽ ايڊووڪيٽ اظهر رند طرفان شاگردن کي يقين ڏيارو ته توهان اسان جو قيمتي اثاثا آهيو ۽ اسان تي فرض آهي ته توهان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سکر پرسان دردناڪ حادثو: ڳوٺ مياڻداد ڪوسو ۾ برسات دوران گهر جي ڇت ڪري پئي، 4 ڄڻا فوت

سائيٽ ۾ برساتن پوڻ ڪري امام الدين ڪوسو جي به ماڙ نهيل گهر جي ڇت ڌماڪي سان ڪري پئي

30 ورهين جي ڪشمير خاتون، 5 ورهين جو معصوم پارڙو آيان، مسمات رخسانا ۽ عبدالقدير ڪوسو فوت

گهر جي ڇت ڌماڪي سان ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ گهر جا 4 ڀاتي فوت ٿي ويا: وارثن جون ڳالهيون

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سائيٽ ايريا ٿاڻي جي حد ڳوٺ مياڻداد ڪوسو ۾ جوماسي جي برساتن پوڻ ڪري امام الدين ڪوسو جي به ماڙ نهيل گهر جي ڇت ڌماڪي سان ڪري پئي، جنهن جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا فوت ٿي ويا. فوتين ۾ 30 ورهين جي ڪشمير خاتون، 5 ورهين جو معصوم پارڙو آيان، مسمات رخسانا ۽ عبدالقدير ڪوسو ۽ يامين ڪوسو شامل آهن جڏهن ته به زخمي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر: ڳوٺ مياڻداد ڪوسو ۾ گهر ڊهڻ سبب فوت ٿي ويلن جا لاش ايمبولينس ۾ منتقل ڪيا پيا وڃن

بدين شهر سميت

پسگردائي جي علائقن ۾

چوٿين ڏينهن به برسات

بدين (رپورٽر) بدين شهر سميت پسگردائي جي علائقن ۾ چوٿين ڏينهن به صبح کان هلڪي هلڪي ۽ شام جو تيز برسات وسندي رهي جيڪا خبر اچڻ تائين جاري رهي مسلسل برسات سبب بدين جي ٽريزري ڪالوني ياڻي جي گهيري هيٺ ڊرينيج ڊسپوزل موالين حوالي ٿيل وڪروٽيڇ جو انڪشاف تفصيل تازو بدين ۾ معمول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

جهڏو حيسڪو انتظاميا جي نااهلي سبب عاشق ڪالوني جو ٽرانسفارمر تبديل نه ٿيو

عاشق ڪالوني جو خراب ٿيل ٽرانسفارمر 5 ڏينهن گذرڻ باوجود نه لڳي سگهيو آهي: شهري

200 وارو ٽرانسفارمر عملدارن گم ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان جي جاءِ تي 100 وارو ٽرانسفارمر لڳايو آهي

200 وارو ٽرانسفارمر لڳائي ڪري مسئلو حل ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

جهڏو (رپورٽر) جهڏو حيسڪو انتظاميا جي نااهلي حاجي عاشق ڪالوني جو ٽرانسفارمر پنج ڏينهن گذرڻ باوجود نه ٿيو، بجلي نه هجڻ سبب علائقي واسي سخت عذابن ۾ مبتلا. اعلي اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو خبر موجب جهڏو شهر جي وارڊ نمبر 5 حاجي عاشق ڪالوني جو خراب ٿيل ٽرانسفارمر 5 ڏينهن گذرڻ باوجود نه لڳي سگهيو آهي مسلسل پنج ڏينهن کان بجلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي وي سي پاران اسلام آباد ۾ ڪانفرنس ۾ شرڪت

پرامن ۽ روادار يونيورسٽي ڪيمپسز کي فروغ ڏيڻ جي موضوع تي ڪانفرنس ۾ خليل احمد شرڪت ڪئي

بلوچستان ۽ اسلام آباد جي 40 کان وڌيڪ سرڪاري ۽ خانگي يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن شرڪت ڪئي

37 شاگرد سوسائٽيون شاگردن جي صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ ۽ امن جي فروغ لاءِ ڪم ڪري رهيون آهن: ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو

سکر/خيرپور (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو پرامن ۽ روادار يونيورسٽي ڪيمپسز کي فروغ ڏيڻ جي موضوع تي ڪميونٽي ريلائنس ايڪٽيوٽي تارٽ ۽ ا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر: شاهه لطيف يونيورسٽي جو وي سي اسلام آباد ۾ منعقد عالمي ڪانفرنس ۾ شريڪ آهي

خيرپور ۾ برسات ۾ ڪارڪون

۽ ڇوهارا لڙهي ويا، آبادگارن

جا مٿي تي هٿ

خيرپور (رپورٽر) خيرپور ۾ طوفاني برسات، ڪارڪون ۽ ڇوهارا لڙهي ويا، آبادگارن جا مٿي تي هٿ، حڪومت کي مدد جي اپيل، تفصيل موجب مون سون جي برساتي سلسلي ۾ خيرپور ۾ گذريل هفتي کان هلندڙ برسات سبب ڪجهي جو آبادگار سخت متاثر ٿيو آهي، تيز برسات سبب ڪجين جو فصل ڏوڪا، ڏنگ، ڪارڪون ڇوهارا/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

خانپور مهر ۾ محرم جو مهينو شروع ٿيڻ شرط شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ جو سلسلو جاري

ميراڻي محلي ۾ گلشير ميراڻي، شوڪت علي ميراڻي، صحافي نواب علي ميراڻي پاران مجلس عزا

مجلس ۾ جوانان علي اڪبر نادر علي مهر، آفتاب ميراڻي، عبدالرشيد سومرو، پرويز علي ميراڻي نوحا پڙهيا

اسلام جي سربلندي لاءِ امام حسين عليه السلام ۽ سندس باوفا ساٿين جي ڏنل لازوال قربانين تي روشني وڌي

خانپور مهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر ملڪ جي ٻين شهرن جيان خانپور مهر ۾ محرم الحرام جو مهينو شروع ٿيندي ئي ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ جو سلسلو جاري. خانپور مهر جي ميراڻي محلي ۾ گلشير ميراڻي، شوڪت علي ميراڻي، صحافي نواب علي ميراڻي، مختيار ميراڻي، آفتاب علي ميراڻي ۽ شعيب ميراڻي طرفان پنج محرم الحرام تي ساليانو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ننڊو شهر جي ڀرسان سم نالي کي گهارو، ڪيتراڻي ڳوٺ پاڻي هيٺ، لکين روپين جو نقصان

ننڊو لڳ ون آر سم نالي کي آر ڊي 48 کان 52 تائين ويهه فٽ کان مٿي گهارو پئجي ويو

الهڏنو درس محمود پنهور، صديق مهراڻپوٽو سميت ٻين ڳوٺن ۾ سم نالي جو خراب پاڻي ڪاهي آيو

ڪيتراڻي ڀيرا ڊرينج انتظاميه کي سم نالي جي بند بابت آگاهه ڪيو ويو هو، نوٽيس ورتو وڃي: متاثرين

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ننڊو شهر جي ڀرسان سم نالي کي گهارو ڪيتراڻي ڳوٺ پاڻي هيٺ لکين روپين جو نقصان تفصيل موجب ننڊو لڳ ون آر سم نالي کي آر ڊي 48 کان 52 تائين ويهه فٽ کان مٿي گهارو پئجي ويو آهي جنهن جي ڪري ڀرپاسي جي ڳوٺن حاجي الهڏنو درس، محمود پنهور، صديق مهراڻپوٽو سميت ٻين ڳوٺن ۾ سم نالي جو خراب پاڻي ڪاهي آيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

بدين: ون آر سم نالي کي لڳل گهاري جو ڏيک

گمبٽ شهر ۾ بدامني خلاف

شهرين جو پريس ڪلب اڳيان

احتجاجي مظاهرو

گمبٽ (رپورٽر) گمبٽ شهر ۾ بدامني خلاف شهرين جو پريس ڪلب گمبٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو، ڏوهن تي ڪنٽرول ڪري شهرين کي تحفظ ڏيڻ جو مطالبو ان موقعي تي احتجاج ڪندي شهرين جاويد رند، سجاد رند، وقار رند، رمضان آرائين محب رند، علي نواز جوڻيجو ۽ ٻين جو چوڻ هو ته گمبٽ شهر ۾ بدامني چوٽ چڙهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

رتوديرو ۾ محرم الحرام جي حوالي سان سماجي تنظيم "لسوا" جو اجلاس، آرگنائيزنگ ڪاميٽي قائم

عزادارن جي علاج ۽ مرهم پٽي لاءِ مختلف روٽن تي ميڊيڪل ڪيمپون ۽ گشتي ٽيمون ترتيب ڏنيون ويون

اجلاس ۾ ناليواري اديب ۽ شاعر ساقي ابڙو، ثاقب مهر، مجاهد ڪنير، گلزار بوزدار لالا بلوچ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

گلجاٽي ۾ آرگنائيزنگ ڪاميٽي قائم: اديب ۽ شاعر ساقي ابڙو، اعجاز ساريو ۽ اسلم ٿهيم کي آرگنائيزر مقرر ڪيو ويو

نئون ديرو (رپورٽ: شاد محمود ڀٽو) رتوديرو ۾ محرم الحرام جي حوالي سان سماجي تنظيم "لسوا" جو اجلاس: مختلف معاملن تي غور آرگنائيزنگ ڪاميٽي قائم: اديب ۽ شاعر ساقي ابڙو، اعجاز ساريو ۽ اسلم ٿهيم کي آرگنائيزر مقرر ڪيو ويو عزادارن جي علاج ۽ مرهم پٽي لاءِ مختلف روٽن تي ميڊيڪل ڪيمپون ۽ گشتي ٽيمون ترتيب ڏنيون ويون هر سال جيان هن سال به "لسوا" /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

تاريخي شهر سونڊا ويجهو جراڙ ٻيلي سامهون وهندڙ فوت ٿيل نينگري جو لاش هٿ

فوٽڻ انيلا جو لاش مقامي ٽوبن جي مدد سان ٽن ڏينهن کان پوءِ سنڌو درياهه مان ڪڍيو ويو

ميت کي اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو انيس عباسي جي تعاون سان ايمبولينس ذريعي ڳوٺ نيو ويو

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ضلعي ٺٽي جي تاريخي شهر سونڊا ويجهو جراڙ ٻيلي سامهون 2 ڏينهن پهريان سنڌو درياهه ۾ 3 نياڻيون وهندي ٻڏي ويون هيون، ٻڏي ويل نياڻين مان ٻن نياڻين جن جا نالا معلوم نٿي سگهيا ٻڏي فوت ٿي ويون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

جهڏو پرسان حيات خاصخيلي جي ناري پاران پيار جي پرڻي بعد احتجاجي مظاهرو

ناري رخسانه ماڇي حيات خاصخيلي ٽنڊو باگو جي شادي شده نوجوان سان شادي ڪري ڇڏي

پيار جو پرڻو ڪرڻ تان مائٽ جان جا ويري بڻجي ويا آهن، نوٽيس وٺي تحفظ فراهم ڪيو وڃي: ناري

ٽنڊو باگو (رپورٽ:_ سهيل سمون) جهڏو پرسان حيات خاصخيلي جي ناري رخسانه ماڇي حيات خاصخيلي ۾ نائي جو ڪم ڪندڙ ٽنڊو باگو جي شادي شده نوجوان وحيد علي مڳنهار سان پيار جو پرڻو ڪرڻ بعد پريمي جوڙي ٽنڊو باگو پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٽنڊو باگو: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

برسات ڪاڻ پوءِ سکر ۾ موسم خوشگوار ٿي وئي، تفريحي ماڳن تي رش وڌي وئي

شهر ۽ ڀرپاسي ۾ برسات ڪاڻ پوءِ وقفي وقفي سان آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇانئجي رهيا آهن

ٿڌيون هوائون جاري آهن شهري موسم جو مزو وٺڻ لاءِ گهرن کان ٻاهر تفريحي ماڳن تي پهچي ويا

سکر (بيورو رپورٽ) برسات ڪاڻ پوءِ سکر ۾ اونڌاهي، آسمان تي ڪارا بادل ڇانئجي ويا. برسات سبب موسم خوشگوار ٿي وئي، گرمي ۽ مان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سکر آباد لاکا جي زمان عباسي پاران بااثر شيخ برادري جي زيادتين خلاف احتجاج

زمان عباسي شهزاد شيخ آصف ۽ صمد جي زيادتن جي خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪيس داخل ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي: زمان عباسي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر آباد لاکا جي زمان عباسي پاران بااثر شيخ برادري جي زيادتن خلاف احتجاجي مظاهرو ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ کان تحفظ جي گهر پااثر خلاف قانوني ڪارائي ڪئي وڃي متاثر زمان عباسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دڙو ۾ پورهيت پاران پلوڙ گڏهه چوري ٿيڻ خلاف برسات ۾ روئيندي احتجاج

گڏهه گاڏو هلائي گذر سفر ڪندڙ پورهيت حسن ڏوهو جو گڏهه چور چوري ڪري ويا

منهنجو گڏهه اعلي نسل هو جنهن کي لطيف هولائي نالي همراهه چوري ڪيو آهي: الزام

دڙو (رپورٽ شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ پورهيت جو پلوڙ گڏهه چوري/ برسات ۾ روئندي احتجاج. خبر موجب دڙو ۾ گڏهه گاڏو هلائي گذر سفر ڪندڙ پورهيت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

دڙو: گڏهه چوري واقعي خلاف پورهيت احتجاج ڪري رهيو آهي

شڪارپور جي علائقي قلعي قافلي جي رهواسي پاران پٽ جي ڳولا لاءِ احتجاجي مظاهرو

سڏير احمد ڪلهوڙو پٽ جي ڳولها لاءِ سکر پريس ڪلب ٻاهران صحافين آڏو احتجاج ڪيو

ٿاڻي نيو فوجداري تي ڏيڻ باوجود پوليس پٽ جي ڳولها ۾ ناڪام ٿي وئي آهي: سڏير احمد ڪلهوڙو

سکر (بيورو رپورٽ) شڪارپور جي علائقي قلعي قافلي جي رهواسي سڏير احمد ڪلهوڙو پٽ جي ڳولها لاءِ سکر پريس ڪلب ٻاهران صحافين آڏو داتهيندي ٻڌايو آهي ته سندس پٽ سجاد حسين ڪلهوڙو ڇنڇر جي ڏهاڙي شام جو 5 وڳي کان گم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٻنون ۾ عوامي تحريڪ پاران شهر برساتي پاڻي هيٺ اچڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

قادر ڏنو شاهه موري حيدرآباد روڊ زبون هئڻ خلاف هائي اسڪول سامهون ڪئمپ قائم

10 محرم الحرام ڪانپوءِ ٻنون کان دڙو تائين 18 ڪلوميٽر پيادل لانگ مارچ ڪرڻ جو اعلان

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ٻنون ۾ عوامي تحريڪ پاران شهر برساتي پاڻي هيٺ اچڻ. 15 سالن کان بجلي بند هئڻ ۽ ٻنون کان قادر ڏنو شاهه موري حيدرآباد روڊ زبون هئڻ خلاف هائي اسڪول سامهون احتجاجي ڪئمپ قائم. مسئلن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دڙو: عوامي تحريڪ پاران بنيادي مسئلن جي حل لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

مدرسه دارالعلوم طاهريه پاران جامع مسجد سبحان الله دادو ۾ ساليانو امتحان ٿي گذريو

مدرسي ۾ مسافر شاگردن ۽ 28 ناظر قرآن مجيد جي شاگردن جو ساليانو امتحان ٿي گذريو

پروفيسر نعمت الله قريشي غلام نبي ميمڻ محمد فهيم ڪوڪر ۽ عبدالغفار ملاح شرڪت ڪئي

دادو (ن سنڌيار) مدرسه دارالعلوم طاهريه انتظاميا ڪاميٽي پاران جامع مسجد سبحان دادو ۾ مدرسه جي 25 درس نظامي شهري ۽ مسافر شاگردن 28 حنظ قرآن مجد جي شهري ۽ مسافر شاگردن ۽ 28 ناظر قرآن مجيد جي شاگردن جو ساليانو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪنڊڪوٽ ۾ قتل ٿيل وڪيل جي جوابدارن خلاف احتجاجي مظاهرو

قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئشن پاران احتجاج ڪيو ويو

وڪيل نورالاهي سندراڻي کي قبائلي جهيڙي جي آڙ ۾ قتل ڪيو ويو آهي: مظاهرين

ڪنڊڪوٽ (غالب بلوچ) ڪجهه ڏينهن اڳ قتل ٿي ويل وڪيل نورالاهي سندراڻي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئشن پاران بار جي صدر وڪيل سيد سڪندر علي شاهه جنرل سيڪريٽري عبدالغني بحاراڻي منير احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

مورو پوليس جي وڏي ڪارروائي، 7 ڪلو چرس هٿ ڪري 3 جوابدار گرفتار

ايس ايڇ او مجيب الرحمان ناريجو ٻانڌي روڊ واري علائقي ۾ ڇاپو هڻي گرفتاريون ڪيون

گرفتار ٿيل اڪرم ولد نور محمد ڪڇي وٽان 2 ڪلو چرس ۽ 1000 روپيا ڪيش هٿ ڪيو ويو

نوشهروفيروز (منظور ملڪ) مورو پوليس جي وڏي ڪارروائي 7 ڪلو چرس هٿ ڪري 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ڪيس داخل ايس ايڇ او مجيب الرحمان ناريجو ٻانڌي روڊ واري علائقي ۾ ڇاپو هڻي پنجاب جي شهر اوڪاڙه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نوشهروفيروز: مورو پوليس پاران گرفتار ڪيل منشيات فروش

ڪشمور جي ڊپٽي ڪمشنر پاران هائير سيڪنڊري اسڪولز اندر لائبريرين جو افتتاح

لائبريري جو قيام وڏي ڪاميابي آهي آباد لائبريري سٺي معاشري جي عڪاسي ڪن ٿيون: ڊي سي

اسان جي ضلعي جي نوجوانن کي گهرجي ته پنهنجو وقت لائبريري کي ڏئي سٺا قابل آفيسر بڻجي خدمت ڪن

تعلقا ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري عبدالسميع چنا، تعلقا ايجوڪيشن آفيسر گرلز رقيه پٺي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

ڪشمور (رپورٽ اصغر علي چانڊيو) ڪشمور ڊپٽي ڪمشنر منور علي منياڻي پاران ضلعي ۾ ٽن هائير سيڪنڊري اسڪولز اندر لائبريرين جو افتتاح ڪيو. ڪشمور ضلعي جي ٽنهي تعلقن ۾ لائبريري جو قيام وڏي ڪاميابي آهي آباد لائبريري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪشمور: ڊي سي ۽ ٻيا عملدار لائبريري جو افتتاح ڪري رهيا آهن

سرحد شهري اتحاد جي

گڏجاڻي، لکڻ عباسي تڪرار

ختم ڪرائڻ لاءِ غور ويچار

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد شهري اتحاد جي گڏجاڻي سرپرست اعلي سيد ماجد شاهه، چيئرمين فقير ڪامل لکڻ، جنرل سيڪريٽري سڪندر اوڳاهي جي صدارت ۾ سرحد پريس ڪلب ۾ ٿي گذري، گڏجاڻي ۾ سرحد ۽ آس پاس ۾ وڌندڙ بدامني، پارا برادري جي ٻن مغوين عمر ۽ مشتاق پارو جي بازيابي ۽ لکڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

خانپور مهر يوسي پيٽور جي بجيٽ پيش، چيئرمين ناظر خان مهر يوسي وائيس چيئرمين شريڪ

بجيٽ يوسي چيئرمين ناظر خان مهر يوسي وائيس چيئرمين سردار بخش مهر جي نگراني ۾ پيش ٿي

سولر لائيٽن سميت علائقن ۾ ترقياتي ڪمن لاءِ 29 لک ايمرجنسي لاءِ مختص ڪيا ويا آهن: ناظر خان مهر

خانپور مهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر يوسي پيٽور جي بجيٽ يوسي چيئرمين ناظر خان مهر يوسي وائيس چيئرمين سردار بخش مهر جي نگراني ۾ پيش ڪئي وئي جنهن ۾ يوسي پيٽور جي سمورن ڇونڊيل نمائندن شرڪت ڪئي يوسي سيڪريٽري عابد علي مهر ڪلارڪ مظفر علي قاضي پڻ شرڪت ڪئي سال 2023 ۽ 2024 جي يوسي جي بجيٽ پيش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دادو ۾ بجلي جي پول تي ڪم ڪندي ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿيل مستري جي وارثن جو احتجاج

نور محمد سولنگي، سولنگي اتحاد چيف آرگنائيزر محمد حسين سولنگي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

عملدار نوڪري جي آسري فوتي شهباز سولنگي کان بجلي جي پول تي ٽرانسفارمر لاهڻ جو ڪم وٺندا هئا: والد

پوليس جو ڪم ڪيس چالان ڪري عدالت ۾ پهچائڻ آهي عدالت جيڪو فيصلو ڪري اسان کي منظور آهي

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ 15 ڏينهن اڳ بجلي جي پول تي خانگي مستري ڪم ڪندي ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿيل نوجوان شهباز سولنگي جي وارثن والد نور محمد سولنگي، سولنگي اتحاد جيف آرگنائيزر محمد حسين سولنگي، جنرل سيڪريٽري عبدالمجيد، نه ليگ نائب صدر عيسي، نيڪ محمد سولنگي احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪري دادو پريس ڪلب ۾ پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

دادو: بجلي جي ڪرنٽ ۾ فوت ٿي ويل نوجوان جا وارث پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

گهوڙاباري ويجهو 105 موري

لڳ ڳوٺ عبدالله ڪيهر ۾

هٿياربندن هٿان ڊرائيور زخمي

ٺٽو (رپورٽر) گهوڙاباري ويجهو 105 موري لڳ ڳوٺ عبدالله ڪيهر ۾ 6 نامعلوم هٿياربندن حملو ڪري ٽرڪ ڊرائيور امام علي جاکرو تي سخت وحشيانو تشدد ڪري ڪيس مرڻينگ حالت ۾ ڇڏي فرار ٿي ويا، جنهن کي علاج لاءِ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي، حملي جو ڪارڻ معلوم نٿي ناهي سگهيو، ٻئي طرف زخمي ڊرائيور ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

شهدادڪوٽ ۾ بيسڪ اين سي ايڇ ڊي استادن پاران پگهارون جاري نه ڪرڻ خلاف احتجاج

ضلعي صدر عبدالجبار خشڪ ريگيولر نه ڪرڻ ۽ ماهوار پگهارون جاري نه ڪرڻ خلاف مظاهرو ڪيو

بيسڪ اين سي ايڇ ڊي استادن جو 1995 ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو بنياد رکي وفاق حوالي ڪيو: عبدالجبار خشڪ

آءِ ڊيون ڪولڻ لاءِ ليٽر جاري ڪيو ۽ ڊي او قمبر شهدادڪوٽ اسان کي ٽي اوز کي ليٽر جاري ڪيو پر مسئلو حل ناهي ٿيو

شهدادڪوٽ (د ر) شهدادڪوٽ ۾ بيسڪ اين سي ايڇ ڊي استادن جي ضلعي صدر عبدالجبار خشڪ ريگيولر نه ڪرڻ ۽ ماهوار پگهارون جاري نه ڪرڻ خلاف شاهي بازار ۾ هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو، ان موقعي تي بيسڪ اين سي ايڇ ڊي استادن جي ضلعي صدر عبدالجبار خشڪ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته بيسڪ اين سي ايڇ ڊي استادن جو 1995 ۾ شهيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ پراڻي سکر ۾ قديمي مسيت وارو ماتمي جلوس برآمد

سنڌ جي مختلف ضلعن کان عزادار آيل آهن مسيت واري ماتمي جلوس ۾ لکين عزادار شامل آهن

عزادارن لاءِ ڪنٽينر بيهاري انهن لاءِ واش روم به تيار ڪيا ويا آهن، پوليس اهلڪار وڏي انگ ۾ مقرر

5 پنج محرم الحرام جي مسيت واري ماتمي جلوس پراڻي سکر جي لعل مڪان کان برپا ڪيو ويو آهي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ پراڻي سکر ۾ 350 سو سالا قديمي مسيت وارو ماتمي جلوس برپا ڪيو ويو آهي جنهن ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن کان عزادار آيل آهن مسيت واري ماتمي جلوس ۾ لکين عزادار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سکر: 5 محرم الحرام تي تاريخي مسيت جو ماتمي جلوس منزل ڏانهن روان دوان آهي

گمبٽ پوليس جون ڏوهارين خلاف

ڪارروايون، ٽي ڄڻا گرفتار 10

موٽرسائيڪلون هٿ

گمبٽ (رپورٽر) گمبٽ پوليس جون ڏوهارين خلاف ڪارروايون ٽي ڄڻا گرفتار 10 موٽرسائيڪلون هٿ. ايس ايس پي خيرپور گمبٽ پهچي شهرين کان ڦر ٿيل 10 موٽرسائيڪلون ۽ ٻيو سامان اصل مالڪن حوالي ڪيو گرفتار جوابدارن وٽان وڌيڪ جاچ هلندڙ آهي، محرم الحرام جي حوالي سان سيڪيورٽي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نوشهرو فيروز ضلعي ۾ 2 ڏينهن کان لڳاتار برسات تباهي مچائي ڇڏي، گوڏي جيڏو پاڻي بيٺل

ڪنڊيارو ۾ ڀريا روڊ پڊعيدن ڦل ڀريا خانوهڻ ٺاروشاهه شهرن جا رستا مڪمل پاڻي هيٺ اچي ويا

عمراڻي محلا سول اسپتال مڪمل پاڻي جي گهيري ۾ سڌوجا وٽ نيشنل هاءِ وي تي پاڻي آزار بڻيل

ووٽن جي فصل کي ڪاپاري ڏک گهٽي پاڻي ۽ ڏينن جي وزن سبب ووٽڻ پاڻي ۾ ڪري پيا آهن: آبادگار

نوشهرو فيروز (د ر) نوشهرو فيروز ضلعي ۾ ٻن ڏينهن کان لڳاتار برسات تباهي مچائي ڇڏي نوشهرو فيروز ضلعي جي مڙني شهرن نوشهرو فيروز مورو ڪنڊيارو ۾ ڀريا روڊ پڊعيدن ڦل ڀريا خانوهڻ ٺاروشاهه شهرن جا رستا مڪمل پاڻي هيٺ گوڏي جيڏو پاڻي بيٺل چيئرمين وائيس چيئرمين گهرن تائين محدود نوشهرو فيروز شهر جا مک رستا مليائي روڊ پڊعيدن روڊ الله وارو چونڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٽنڊو باگو ۾ ڀرتي پاليسي ڪري هارڊ ۽ سافٽ ايريا ورهائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ ۽ ڪين نوڪرين ۾ نظر انداز ڪرڻ خلاف اميدوارن احتجاج ڪيو

ڪاتي جي وزير ۽ سيڪريٽري من پسند علائقن کي هارڊ ايريا ڄاڻائي اسان کي نظرانداز ڪيو: مظاهرين

تعليم کاتي پاران هارڊ ۽ سافٽ ايريا جو ڊرامو رچائي سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي

ٽنڊو باگو (رپورٽ:_ سهيل سمون) 2021ع ۾ آئي بي اي ذريعي ماستري جي ٽيسٽ ڏيندڙ بدين ضلعي جي اميدوارن جو سنڌ جي تعليم کاتي پاران ڀرتي پاليسي ڪري هارڊ ۽ سافٽ ايريا تحت سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ ۽ ڪين نوڪرين ۾ نظر انداز ڪرڻ خلاف ٽنڊو باگو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو، تفصيل موجب آئي بي اي پاران 2021ع ۾ ورتل ماستري جي ٽيسٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڊو باگو: آءِ بي اي ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوار احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز سبزي منڊي مان

ڪوٽ لالو واسي شير مري جو

ڦٽي وارو رڪشو چوري

دريا خان مري (رپورٽر) نوشهرو فيروز سبزي منڊي مان ڪوٽ لالو واسي شير مري جو ڦٽي وارو رڪشو نامعلوم چابي چور چورائي فرار ٿي ويا نوشهرو فيروز ٿاڻي تي رڪشه ڊرائيور شير مري جي فرياد تي اين سي داخل ڪرائي وئي ان حوالي سان شير مري صحافين کي ٻڌايو ته آءُ هڪ غريب مزدور آهيان ۽ ڪرائي تي رڪشه هلائي پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٽنڊو باگو پريس ڪلب جي هال جي مرمت واري اعلان تي عمل نه ٿيو، ميمبر ٽنبو هٽي ويٺل

رليف کاتي جي صوبائي صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو پاران ڪيل اعلان رڳو اعلان رهجي ويو

هال جي ڇت مان ڇاپڙ ڪرڻ کان پوءِ پريس ڪلب جي ڪمرن جي ڇت زبون ٿي وڃڻ ڪري ميمبر پريشان

پريس ڪلب جي ڇت ڪيڏي مهل به ڌماڪي سان ڪري پوڻ ڪري ڪو وڏو جاني نقصان به ٿي سگهيو ٿو: صحافي

ٽنڊو باگو (رپورٽ:_ سهيل سمون) گذريل سال جي طوفاني برساتن ۾ ٽنڊو باگو پريس ڪلب جي هال جي ڇت ڪرڻ ۽ پريس ڪلب جي ٻن ڪمرن واري عمارت برساتن دوران زبون ٿي وڃڻ کان پوءِ سنڌ جي رليف کاتي جي صوبائي صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو ۽ ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز پاران پريس ڪلب جي ڇت ٺهرائڻ وارو اعلان ٺلهو اعلان رهجي ويو آهي. هڪ سال گذري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني سنڌيار

Daily SINDHYAR

www.dailysindhyar.com

اڱارو 25 جولاءِ 2023ع

ڪارونجهر جي نيلاميءَ جو نندڻ جوڳو فيصلو

سنڌ جي منتظمين هر شئي کي منڊيءَ جو وکر بڻائي ان تي "براءِ فروخت" جي تختي هڻي ڇڏي آهي، جڻ اهي آيا ئي ان مشن تي هجن. وڪندي وڪندي اهو ويساهه ڪرڻ لاءِ، ته ڪا شئي اڃا بچي ته نه وئي آهي، انهن جي تاڪائو نگاهه ڪارونجهر تي وڃي بيٺي آهي، جنهن جا گهڻ حصا اڳ ۾ ئي ليز تي ڏئي ساهه کڻندڙ هڪ جيئري جبل کي پاڳا ڪري پوري، ان جي وجود مان گرينائيٽ سميت مختلف معدنيات جي دولت ڪڍي پئي وڃي. مسند نشين ماڻهن جي تازي واردات اها آهي ته مها ڏونگر ڪارونجهر کي به نيلام ڪرڻ جو فيصلو ڪندي سنڌ جي معدنيات کاتي پاران اهڙو اشتهار پڻ هلايو ويو آهي. سنڌ سرڪار جي اهڙي عمل خلاف ته سميت سڄي سنڌ مان شديد رد عمل جو اظهار ڪيو ويو آهي. سوشل ميڊيا تي اهڙي منڊيءَ واري ذهنيت جي شديد مذمت ڪئي پئي وڃي. غاصبن خلاف سنڌ جي مزاحمت جي اهڃاڻ مها ڏونگر ڪارونجهر جي نيلاميءَ وارو فيصلو واپس وٺڻ وارا مطالبا ڪيا پيا وڃن. حڪومت کي عوام جي مزاج جي موسم ۽ نبض جو اندازو لڳائي اهو ڏاهپ کان خالي فيصلو واپس وٺڻ گهرجي. سرڪاري سهائتا سان اڳ سنڌ بلڊر مافيا ۽ قبضي گيرن ڳڙڪائي ڇڏي آهي. زمين ته سنڌ جي اصلوڪن ڌرتيءَ ڌڻين جي پيرن هيٺان کسڪائي وئي آهي. ڪوهستان جون زمينون ڳڙڪائي ويا آهن. پر ڪوهستاني جبلن کي پوريو، پگهرو ۽ 'ڪرش' ڪيو پيو وڃي. هاڻي انهن جي لالچي بد نظر ڪارونجهر ۾ گورڪ تي آهي. حالت ان حد تائين وڃي پهتي آهي، جو هاڻي ته ثقافتي ماڳ مڪان، تاريخي اهڃاڻ، سنڌ جي فطري سونهن وارا آستان، غاصبن خلاف سنڌ جي مزاحمت جي شاهدين وارا هنڌ به وڪري جو وکر بڻايا ويا آهن. ڪارونجهر صرف جبل ئي نه آهي، هي سنڌ جي فطري سونهن جو مظهر پڻ آهي. هن سان سنڌ جي ماڻهن جو نه صرف جذباتي لاڳاپو آهي، پر روزگار به سلهاڙيل آهي. هي هڪ بهترين سياحتي ماڳ آهي، جيڪو پنهنجي فطري سونهن سان سياحن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. هي قديم جبل جهنگلي جيوت جو مسڪن آهي. هن جبل کي ٽوڙي تباهه ڪرڻ وارو عمل ڏهاڪن کان جاري آهي. جبل کي ٽوڙي ان مان معدنيات ڪڍيون پئي وڃن. گرينائيٽ ڪڍڻ لاءِ ان جا ڪيترائي حصا اڳ ۾ ئي حڪومت طرفان ليز تي ڏنل آهن. جبل کي ٽوڙڻ لاءِ ٿيندڙ بلاسٽنگ فطري ماحول کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. ماحوليات جي تحفظ لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن جي خاموشي ان حوالي سان حيرت جوڳي آهي. وفاق ۾ ماحوليات واري وزارت به سنڌ جي حڪمران جماعت وٽ آهي، جيڪا مرڪز ۾ به اقتدار ۾ پائيوار آهي ۽ سنڌ ۾ به ماحول جي تحفظ جي حوالي سان SEPA جي نالي سان هڪ ادارو به موجود آهي، پر جڏهن ڪا شگر مل بند ڪرائڻي هوندي آهي، ڪنهن سياسي مخالف کي ڌاندا ڏيارڻا هوندا آهن، تڏهن ئي ان اداري جو نالو ٻڌڻ ۽ تحرڪ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. نه ته عوام جي ٽئڪسن تي چٽي ڀڄي پلجندڙ ان اداري جو ماحول جي تحفظ جي حوالي سان ڪو به ڪم نظر نٿو اچي. ڪارونجهر کي معدنيات لاءِ ته ٽڪڻ ۽ ٽوڙڻ، ڪاٽڻ ۽ ڪورڻ جو عمل جاري آهي پر اها پڻ حقيقت آهي ته ڪارونجهر کي ٽوڙي ان جو پٿر ڊيمن جي تعمير ۾ استعمال ڪيو پيو وڃي. اهڙي ڪڏي ڪم ڪندڙن کي ڪو به ڇوڻ آڪڻ وارو ڪونهي، ڪو به روڪڻ ٽوڪڻ وارو ڪونهي. ان ڪري سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجن ماڳن مڪانن جي پاڻ وارثي ڪرڻي پوندي، پنهنجن ماڳن مڪانن جي تحفظ لاءِ پاڻ ئي تحرڪ وٺڻو پوندو. سنڌ حڪومت کي به ڪارونجهر جي نيلاميءَ وارو فيصلو واپس وٺڻ گهرجي. اڳ ۾ ئي مختلف ڪمپنين کي جيڪا ليز ڏنل آهي، اها پڻ رد ڪئي وڃي ۽ ڪارونجهر کي عالمي ورثو قرار ڏيارڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي وڃي. ڪارونجهر جو تحفظ سنڌ جي رڳو معدنيات جو تحفظ ئي نه پر ثقافتي، سياحتي ۽ تاريخي ورثي جو پڻ تحفظ آهي.

شهزادي علي اصغر جي شهادت ۽ سنڌ جون سوڳوار هوائون

خواجا ذوالفقار

ڪربلا ديار.. ڪان موٽيندڙ مون پنهنجي هڪ دوست زوار کان پڇيو هيم... اي مولا حسين ع جي چائٺ چمي، حضرت عباس علمدار ع جي روضي کي سلامي ڪري ايندڙ زوار... پلاهو ته ٻڌاءِ ڪربلا جي ان بهادر شهيد جي مزار تي حاضري ڀريئي...... جنهن نه تلوار هلائي نه گهوڙي تي چڙهي يزيدي فوج کي للڪاريو..... ۽ نه وري هن جو سن ۽ عمر هئي ڪنهن سواريءَ تي چڙهڻ جي......! خيمي کان ميدان تائين ان ننڍڙي شهيد جي سواري هئي، سنڌس بابا سائين....ڪربلا جو مظلوم امام.... آقا حسين عليہ السلام .....زوار... علي نواز پنهنجا لڙڪ اگهندي چيو...اي منهنجا دوست اي مولا حسين ع ۽....ڪربلا ڪٿا جا تلمڪار ڪالم نويس... تون جنهن شهزادي جي ضريح مبارڪ جو پڇين ٿو ته..... مون ڏاڍي ڳولها ڪئي ۽ پڇا به ڪيم، امام عالي مقام پنهنجي سهڻي ٻچڙي حضرت علي اڪبر کي ته آقا حسين ع پنهنجي ئي ضريح مبارڪ ۾ جاءِ ڏني آهي. باقي اءِ ڳولهڻ جي باوجود..... ڪربلا جي ننڍڙي شهيد آقا حسين ع جي بهادر فرزند حضرت علي اصغر جي قبر جا نشان ڳولهي نه سگهيو هيس..... اها ڳالهه ڪا پراڻي ناهي، ٽي سال پهريان هي دوست ويو هو. اٿين امام حضرت علي رضا ع جي زيارت ڪانپوءِ ڪربلا..

عزيزو.. ته پوءِ پلا ڪٿي آهي، بي بي رباب جو شهزادو آرامي؟...! جنهن کي مديني کان روانگيءَ وقت سنڌس امڙ ننڍڙا ڪپڙا ۽ پيو سامان، پاڻي پيارڻ لاءِ هڪ ننڍڙي وٽي ۽ چمچو سنڀالي ڪنيو هو ۽ رستي ۾ ڪٿي به معصوم علي اصغر جا اڄ سبب ٿورڙا به چپ خشڪ ٿيندا هئا ته بيبي رباب پنهنجي ننڍڙي شهزادي کي پاڻي پياريندي هئي... افسوس ڪربلا جي ميدان تي پاڻي گهرڻ جي باوجود... يزيدي فوج معصوم جا چپ الا ڪرڻ لاءِ هڪ ڍڪ به پاڻيءَ جو نه ڏنو... جواب ۾ آيا ته رڳو تير....

اي ڪلمه گو مومنو مسلمانو... آگاهه هجو ته يزيد جي تخت نشينيءَ ڪانپوءِ جڏهن، مديني جي گورنر وليد امام حسين ع کي يزيد جي حڪمراني مڃڻ يا پنهنجي شهر مديني کي ڇڏڻ جو حڪم ڏنو ته 28 رجب 60 هجري تي جڏهن امام حسين ع جي اڳوائيءَ ۾ هي قافلو مڪي لاءِ روانو ٿيو هو ته ان وقت شهزادي علي اصغر بن حسين ع جي عمر هئي 18 ڏينهن ۽ يزيد جي تخت کان ڪجهه ڏينهن اڳ 10 رجب 60 هجريءَ تي هن ننڍڙي شهزادي جو مديني ۾ جنم ٿيو...

